SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر LIV مجريه 2013
SINDH ACT NO.LIV OF 2013
لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
THE LYARI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي تجديد
Revival of Sindh Act No. X of 1994
3. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No. X. of 1994
4. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No. X. 1994
5. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No. X of 1994
.8. 1996 جي دفعه 27جي ترميم.
Amendment of section 27 of 1996.
9. محفوظ بنائڻ
Saving

سنڌ ايڪٽ نمبر LIV مجريہ 2013
SINDH ACT NO.LIV OF 2013
لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
THE LYARI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[19 نومبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون جي تجديد ۽ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هائوسنگ انڊسٽريءَ کي هٿي ۽ ترقي وٺرائي ۽ صوبي جي عوام کي اجھو مهيا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ لياري ڊولپمينٽ ايڪٽ، 1993 جي هن هيٺ ڄاڻايل نموني سان تجديد ۽ ترميم ڪئي وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم)، ايڪٽ، 2013 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم
Revival of Sindh Act No. X of 1994

2. لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي، ايڪٽ 1993، 2002 جي جولاءِ جي پهرين ڏينهن کان اهڙي ريت تجديد ٿيل سمجھيو ويندو جيئن اهو ڪڏهن بہ متايو ۽ ورجايو نہ ويو آهي ۽ هن کان پوءِ انهيءَ کي ساڳيو ايڪٽ چيو ويندو.

3. ايڪٽ جي دفعہ 2 جي شق(f)ڪان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي. ”(ff) ”ڪنساليڊيشن آف لينڊ“ جو مطلب آهي تہ اسڪيم جي مقصدن لاءِ اسڪيم جي پلاٽن ڪي متاستا يا ٻئي ڪنهن طريقي سان مطابقت ۾ آڻڻ.	1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم. Amendment of Section 2 of Sindh Act No. X. of 1994
4.دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺينءَ ريت نعم البدل ڏيندو: ”(1) اٿارٽي جي جوڙجڪ: اٿارٽي مشتمل هوندي: (a) لوڪل گورنمينٽ, پبلڪ انجيئرنگ, رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ, سنڌ جو وزير. — چيئرمين (b) سرڪار طرف نامذ ٿيل صوبائي اسيمبليءَ جو هڪ مقامي ميمبر. — ميمبر (c) لوڪل گورنمينٽ, پبلڪ انجنيئرنگ, رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ, سنڌ جو سيڪريٽري. — ميمبر (d) ڪراچي جو ڪمشنر — ميمبر (e) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جو مئينجنگ ڊائريڪٽر — ميمبر (f) لياري ڊولپمنٽ اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل. — ميمبر/ سيڪريٽري (g) سرڪارطرفان نامزد ٿيل بہ ماڻهو هڪ ٽيڪنو ڪريٽ ۽ هڪ سول سوسائٽي. — ميمبر	1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 4 جي ترميم Amendment of Section 4 of Sindh Act No. X. 1994
5. هن ايڪٽ جي دفعہ 8, جي ذيلي دفعہ (I)جي شق (iii) ڪان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي: “(ii_a) ڪنهن زمين ڪي اهڙي ريت مربوط ڪرڻ جيئن	1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 8 جي ترميم Amendment of of Sindh 8 Section

قائدن ۾ بيان ڪيو ويو هو“.

Act No. X. 1994.

6. دفعہ 28، جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن ”حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 تحت زمين حاصل ڪرڻ وارين لاڳا پيل گنجاشن جي سهمت ۾“ بدران لفظ ”اٿارٽي طرفان“ نعم البدل بڻايا ويندا.

1996 جي دفعہ 27جي ترميم.
Amendment of section 27 of 1996.

7. 2002 جي جولاءِ جي پهرين تاريخ ۽ هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ(بنهن ڏينهن سميت) ڪيل سمورا حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل ، ورتل قدم پر اهي ڪنهن ڪورٽ جي حڪم خلاف نہ آهن تہ پوءِ سمجهيو ويندو تہ اهي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 مطابق درست قدم کنيا ورتا ۽ ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ يا فورم تي ڪنهن بہ بنياد تي سوال نہ اٿاريو ويندو.

محفوظ بنائڻ
Saving.

نوٽ : ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.